۱۱ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهَ ۱۱

اَٿ پَنَڇدَشو ڌيايَهَ

مهاپرشن سنسار کي وچتر درشٽانتن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪنهن هن کي پيپل جو وڻ ڪيو، ته ڪنهن هن کي سنسار ساگر چيو. اوستا پيد ڪان هن کي پَوَ ندي ۽ پَوَڪوُپ بہ چيو ويو ۽ ڪڏهن ان جي پيٽ گو-پد سان ڪئي ويئي ارٿات جيترو اندرين جو مقدار آهي، اوترو ئي سنسار آهي ۽ انت ۾ اهڙي اوستا آئي تہ (”نام ليت پَوَ سنڌو سڪاهين“) پَوَ سنڌو بہ سڪي ويو. ڇا سنسار ۾ اهڙا سمندر آهن؟ يوگيشور شري ڪرشڻ بہ سنسار کي سمندر ۽ ورڪش (وڻ) جا نالا ڏنا آهن. اڌياءُ ٻارهين ۾ هنن چيو -جي منهنجا اَنَنيہ ڀڳت آهن، اُنهن جو سنسار - سمندر مان جلدي ئي اُڌار ڪرڻ وارو ٿيندو آهيان. هن ڏنل اڌياءِ ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا تہ سنسار هڪ وڻ آهي، اُنکي ڪٽيندي بہ يوگ ي جن اُن پرم پد کي ڳولين ٿا. ڏسون -

श्रीभगवानुवाच

ऊर्ध्वमूलमध:शाखमश्वत्थं प्राहुरव्ययम्।

छन्दांसि यस्य पर्णानि यस्तं वेद स वेदवित्।।१।।

شري ڀڳوان اُواچ

”اورڌوَ موُلَمَڌَهہ شا کَمَؤتثم ”پراهُرَ وِيَيَمِ
ڇنداسِي يَسيہَ پَرڻاني يَسيتَمِ ويدَ سَ ويدَوِتِ (۱)

ارجن ! اوُرڌوَ موُلَمِ“ مٿيون پرماتما ئي جنهنجو مول آهي، ”اڌهشاکِمِ“- هيٺ پرڪرتي ئي جنهنجون شاخائون

آهن، اهڙي سنسار روپي پپر جي وڻ کي اوناشي چون ٿا ۽ (ورکشته تو اَ-شِوَهه ارٿات سڀاڻي تائين به رهڻ وارو ڪونهي، جڏهن ڇاهي ڪٽجي وڃي، پر آهي اوناشي، شري ڪرشڻ جي انوسار اوناشي به به آهن - هڪ سنسار روپي ورڪش اوناشي ٻيو ان کان به وڌ پري پرم اوناشي، ويد هن کي اوناشي سنسار -ٻوٽي جا پتا چيا ويا آهن. جيڪو پرش هن سنسار روپي ورڪش ڏسندي ئي ڄاڻي وٺي ٿو، هيءُ ويد جو ڳياتا آهي. جنهن هن سنسار ورڪش کي ڄاتو آهي، اُن ويد کي ڄاتو آهي، نه ڪ ڳرنٿ پڙهڻ وارو. پستڪ-پڙهڻ سان ته اوڏانهن وڌڻ جو اُتساهه ماتر ملي ٿو. پَتَنِ جي استان تي ويد جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ حقيقت ۾ پرش يٿڪي يٿڪي جنهن اَنِتِمِ تند ارٿات انتم جنم وٺي ٿو، اُتان ئي ويد جا اُهي ڇند(جيڪي ڪلياڻ جو سرجڻ ڪن ٿا) اُتان ئي اُتساهه ڏين ٿا، اُتان کان انهنجو اپيوڳه آهي. اُتيئي يٿڪڻ سماپت ٿي وڃي ٿو. هو سروپ طرف ڳهمي ٿو وڃي.

अधश्चोर्ध्वं प्रसृतास्तस्य शाखा
गुणप्रवृद्धा विषयप्रवाला:
अधश्च मूलान्यनुसन्ततानि
कर्मानुबन्धीनि मनुष्यलोके ।।२।।

''اَدَ شِچو ڈِروَمِ پرَ سِرتا سِتَسِيه شاکا !
گُڻَ پَرَورڌا وِشَيَپرَ والاهه ۽
آڌ شِچ مولا نِيَنُسَنِتَتاني
ڪَرِ مانوُ بَنِڌِيني مَنُشِيَلوڪي ۽ ۽ (٢)

هن سنسار - ورڪش جي ٽن ڳڻن جي دوارن وڌيل وشيه ۽ يوڳه روپ ڏور واريون شاخائون هيٺ ۽ مٿي سيني پاسي

ڦهليل ٿيئنديون آهن. هيٺ جي طرف ڪيٽ - پتنگ تائين ۽ مٿي ديو ياوَ ڪان وٺي برهما تائين هر هنڌ ڦهليل آهن ۽ صرف منش جوڻيءَ ۾ ڪرمن انوسار ٻڌڻ واريون آهن، ٻيون سڀئي جوڻيون ڀوڳ ڀوڱڻ لاءِ آهن. منش جوڻي ئي ڪرمن جي انوسار ٻنڌن تيار ڪندي آهي.

न रूपमस्येह तथोपलभ्यते।
नान्तो न चादिर्न च सम्प्रतिष्ठा।
अश्वत्थमेनं सुविरूढमूल–
मसङ्गशस्त्रेण दृढेन छित्त्वा।।३।।

”نَہ روُپَمَسييھَہ تَٿو پَلڀيَتي
نانِتو نَہ چادِرنَ چَہ سَمپرَ تِشٺا ا
اَشوَ تِٿَميِنَ سُويروُڙهيِہ موُل -
مَسَڱَشَسِترِيڻَ دِرِڍيِنَ ۾ ڇِتوا ا ا (٣)

پر هن سنسار - ورڪش جو روپ جيئن چيو ويو آهي، اهڙو هتي نٿو پاتو وڃي، ڇاڪاڻ نہ تہ هن جي آدِ آهي، نہ انت ۽ نہ وري سٺي پرڪار واري استٿي آهي (ڇاڪاڻ تہ هو بدلجندڙ آهي) ان سُدرِڍمول واري سنسار روپي ورڪش کي درڍ ”اسنگہ شَسِترڻ“ کي ”اسنگشسِترِيڻ“ اسنگہ منعي ويراڳہ روپي شستر دواران ڪٽي (سنسار روپي ورڪش کي ڪٽڻو آهي) ائين نہ جو پيِرَ جي جڙ ۾ پرماتما رهن ٿا يا پپر جو پتو ويد آهي ۽ آرتي ڪرڻ لڳي وڃون.

هن سنسار ورڪش جو مول تہ پاڻ پرماتما ئي ٻج روپ ۾ ڦهليل آهي، تہ ڇا اهو بہ ڪٽجي ويندو؟ درڍ ويراڳہ دواران هن پرڪرتيءَ جو سنبند -وڇيد ٿي وڃي ٿو، اهو ئي ڪٽڻو آهي. ڪٽي ڪيو ڇا؟

तत: पदं तत्परिमार्गितव्यं
यस्मिन्गता न निवर्तन्ति भूय:।
तमेव चाद्यं पुरुषं प्रपद्ये
यत: प्रवृत्ति: प्रसृता पुराणी।।४।।

تَتَهہ پَدَم تَتپرَيمار گتو يَم
يَسمنگتا نہ نورَتنتي ڀوُيَهہ ۔
تَميوَ چا ديَم پُروشم پرَ پَديي.
يَتَهہ پرَورِ تيهہ پرَسِر تا پُراڻي ۔۔ (۴)

درد ويراڳ دواران سنساري - ڀوتي کي ڪٽڻ کانپوءِ اُن پرم پَدَ پرميشور کي چڱيءَ طرح ڳولڻ کپي، جنهن ۾ ويل پرش پوءِ وري سنسار ۾ نٿا اچن ارٿات پورڻ نِورتي پراپت ڪري وٺن ٿا، پر اُنجي کوج ڪهڙيءَ طرح ممڪن آهي؟ يوڳيشور چون ٿا، ان لاءِ سمرپڻ ضروري آهي. جنهن پرميشور کان پراتن سنسار -ورکش جي پرورتي وستار کي پراپت ٿي آهي اُن آدي پرش پرماتما جي مان شرڻ ۾ آهيان (ان جي شرڻ ۾ وڃڻ کانسواءِ ورکش ملندو ڪون) هاڻي شرن ۾ ويل ويراڳ ۾ استت پُرشُ ڪيئن سمجهي تہ ورکش ڪٽجي ويو؟ هن جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ ان تي چون ٿا -

निर्मानमोहा जितसङ्गदोषा
अध्यात्मनित्या विनिवृत्तकामा:।
द्वन्द्वैर्विमुक्ता: सुखदु:खसञ्ज्ञै-
र्गच्छन्त्यमूढा पदमव्ययं तत्।।५।।

”نِرمانموهو جتَسَنگدوشا
آڌياتَم نِتيا وِنيورتکاماهہ ۔
دونِدوَ ئيو مُڪتاهہ سُکدُک سنگيئي
گر چنتيَموڙها پَدمَويَيَم تَت ۔۔ (۵)

مٿئين پرڪار جي سمرپڻ سان جن جو موهه ۽ مانُ نشٽ ٿي ويو آهي، آسڪتي روپي سنگه دوش کي جن جيتي ورتو آهي، ”آڌياتمَنِتيا“ - پرماتما جي سروپ ۾ جن جي نرنتر اسٿتي آهي، جن جون ڪامنائون وشيش روپ سان نورت ٿي ويون آهن ۽ دک سک جي جهڳڙي کان مڪت ٿيل گياني جَنَ اُن اوناشي پرم پد کي پراپت ٿين ٿا. جيستائين اها اوسٿا نٿي اچي، تيستائين سنسار- ورکش نٿو ڪٽجي. ايستائين ئي ويراڳه جي ضرورت رهندي آهي. اُن پرم پد جو ڪهڙو سوروپ آهي جنهن کي پائين ٿا؟

न तद्भासयते सूर्यो न शशाङ्को न पावकः।
यद्गत्वा न निवर्तन्ते तद्धाम परमं मम॥६॥

نهَ تَدِ ڀاسَيَتي سوُريو نهَ شَشانڪو نهَ پاوڪَهه ا
يَدِ نِتوا نهَ نِوَرِ تَنِت تَڌامَ پَرَمَمِ مَمَ اا (٦)

اُن پرم پد کي نه سورج، نه چندرما ۽ نه اگني ئي پرڪاشت ڪري سگهن ٿا. جنهن پرم پد کي پراپت ڪري منش پنيان وري سنسار ۾ نٿا اچن. اُهو ئي منهنجو پرم ڌام آهي معنيٰ اُنهنجو پُنر جنم نٿو ٿئي. هن پد جي پراپتيءَ تي سيني جو هڪجهڙو اڌڪار آهي، سم اڌڪار آهي. ان تي چون ٿا-

ममैवांशो जीवलोके जीवभूतः सनातनः।
मनःषष्ठानीन्द्रियाणि प्रकृतिस्थानि कर्षति॥७॥

”مَمَئيِ وانِشوي جيِوَلوڪي جيِوَ ڀوُتَمِ سَناتَنَهه ا
مَنهشَشِناني نِدِرَياڻي پرِڪرِتيِسٿاني ڪَرشتيِ اا (٧)

”جيِوَ لوڪي“ ارٿات هن ديهه ۾ (شرير ئي لوڪ آهي) هيءُ جيِوُ اتما منهنجو ئي سناتن انش آهي ۽ اهو ئي ترَگُڻمَييه مايا ۾ اسٿت ٿيل من سهت پنج ئي اندرين کي آڪرشت ڪري ٿو. ڀلا ڪيئن؟-

शरीरं यद्वाप्नोति यच्चाप्युत्क्रामतीश्वर:।
गृहीत्वैतानि संयाति वायुर्गन्धानिवाशयात्।।८।।

”شَريرَمِ يَدَ واپنوتي يَڇِڇاپيُتڪِرا متيشوَرَه ا
گرِ هيتِوَئيتاني سَنياتي وايو رِ گنڌا نِواشَياتِ اا (٨)

جنهن پرڪار هوا خوشبوءِ جي اسٿان تان گنڌ کي گرهڻ ڪري کڻي ويندي آهي، ٺيڪ اهڙي طرح ديهه جو سوامي جيو آتما جنهن پهرئين شرير کي تياڳي ٿو ان مان من ۽ پنج گيان اندرين جي ڪاريه-ڪلاپ (ميڙ) کي گرهڻ ڪري (آڪرشڪ ڪري، گڏ وٺي) پوءِ جنهن شرير کي پراپت ٿئي ٿو. اُن ۾ وڃي ٿو (جڏهن اڳيون شرير تتڪال نشچت آهي ته آتي جو ڇاڻو بڌائي ڪنهن کي پهچايو ٿا؟ وٺي ڪير ٿو؟ تنهنڪري شري ڪرشڻ ارجن کي چيو هو ته هيءَ اگيان توکي ڪٿان اُتپن ٿي ويو ته پنڊ واري ڪِريا لُپت ٿي ويندي) اُتي وڃي ڪري ڇا ٿو؟ من سميت ڇهه اندريون ڪير آهن؟

श्रोत्रं चक्षु: स्पर्शनं च रसनं घ्राणमेव च।
अधिष्ठाय मनश्चायं विषयानुपसेवते।।९।।

”شِروتِرَمِ ڇَڪشوُه چه رَسَنمِ گهراڻميوَ ڇَ
آڌِشٺايه مَنَشچا يَمِ وِشيانوُ پَسيوَتي (٩)

اُن شرير ۾ اسٿت ٿي هيءَ جيو آتما ڪن، اکيون، چمڙي، ڄڀ، نڪ ۽ من جو آڌار وٺي ارٿات انهن سڀني جي سهاري ئي وشين کي ڪم آڻي ٿو.پر ائين ڏسڻ ۾ نٿو اچي، سڀ ان کي ڏسي نٿا سگهن، ان تي شري ڪرشڻ چون ٿا-

उत्क्रामन्तं स्थितं वापि भुञ्जानं वा गुणान्वितम्।
विमूढा नानुपश्यन्ति पश्यन्ति ज्ञानचक्षुष:।।१०।।

”اُتڪِرامَننتَمِ واپي ڀُنڄانَمِ واگُڻانوتَمِ
وِموڙها نانوُ پَشيَنِت پَشينتي گياڇَڪشوُه“ (١٠)

شرير ڇڏي ويندي به، شرير ۾ اسٿت تيل، وشين کي پوڳيندي يا ٽنهي ڳڻن سان مليل هوندي به جيو آتما کي وشيش موڙهه اگياني نٿا ڄاڻن. فقط گيان روپي نيترن وارا ئي اُن کي ڄاڻن ٿا، ڏسن ٿا، نيڪ ائين ئي آهي. هاڻي اُها درشٽي ڪيئن ملي؟ اڳيان ڏسون:-

यतन्तो योगिनश्चैनं पश्यन्त्यात्मन्यवस्थितम्।
यतन्तोऽप्यकृतात्मानो नैनं पश्यन्त्यचेतसः।।११।।

” يَتَنِنتو يوگِنِشِڇئينَمِ پَشيَنِتيا تِمَنيوَسِٿتَمِ
يَتَنِنتوپيَڪِرتاتمانو نَئينَمِ پَشيَنِتَڇيتَسه “ (١١)

يوگي جن پنهنجي هردي ۾ چت کي سيني طرفن کان سميٽي هن آتما جو يتن ڪندي ئي ساکيات ڏسن ٿا؛ پر چنچل آتما وارا ارٿات ملين انتهڪرڻ وارا اگياني جَنَ ڪوشش ڪندي به هن آتما کي نٿا ڄاڻن (ڇاڪاڻ ته اُنهنجو انتهڪرڻ ٻاهرين پرورتين ۾ اجا تائين بڪڙيل آهي) چت کي سيني طرفن کان سميٽي انترآتما سان يَتُنُ ڪرڻ وارا ڀڳت جَنَ ئي اُن کي پائڻ جي يوڳيه تيندا آهن. هاڻي انتهڪرڻ سان لڳاتار سمرن ضروري آهي. هاڻي اُنهن مهاپرشن جي سوروپ ۾ جيڪي وڀوتيون پاتيون وچن تيون (جيڪي اڳيان ٻڌائي به آيا آهن) اُنهن تي پرڪاش وجهن ٿا:

यदादित्यगतं तेजो जगद्भासयतेऽखिलम्।
यच्चन्द्रमसि यच्चाग्नौ तत्तेजो विद्धि मामकम्।।१२।।

”يدا دِتيَگَتَمِ تيجو جگَدِڀاسَيَتي کِلَمِ ا
يَڇڇندِرَمَسي يَڇڇاگَنَئوُ تَتيجو وِڌي مامَڪَمِ “ ١١ (١٢)

جيڪو تيج سورج ۾ اسٿت تيو آهي اُهو سمپورڻ جڳت کي پرڪاشت ڪري ٿو، جيڪو تيج چندرما ۾ اسٿت آهي ۽ جيڪو تيج اگنيءَ ۾ آهي، ان کي تون منهنجو ئي ڄاڻ

هاڻي اُن مهاپرش دواران ڪاريہ پڌائين ٿا.

गामाविश्य च भूतानि धारयाम्यहमोजसा।
पुष्णामि चौषधीः सर्वाः सोमो भूत्वा रसात्मकः।।१३।।

”گاما وِشيَہ چہ ڀوُتاني ڌارَ يامِيَهموجَسا
پُشڻامي چؤشڌيِهہ سَروِاها سومو ڀوُتوِارَساتِمَڪَهہ“ (١٣)

مان ئي پرٿويءَ ۾ داخل ٿي پنهنجي شڪتيءَ سان سيني ڀوتن کي ڌارڻ ڪريان ٿو ۽ چندرما ۾ رس سوروپ ٿي سمپورڻ ونسپتن (ڀاڄيون ۽ ميوا) کي مضبوط ڪريان ٿو.

अहं वैश्वानरो भूत्वा प्राणिनां देहमाश्रितः।
प्राणापानसमायुक्तः पचाम्यन्नं चतुर्विधम्।।१४।।

”اَهم وَئيِشوا نَرو ڀوُتوا پراڻينام ديهماشِرِتَہ
پراڻا پانَسَمايُڪتَہ پَچامِينَم چَتُرِ وِڌَم“ (١٤)

مان ئي پراڻين جي شرير ۾ اگني روپ سان اسٿت ٿي پراڻ اَپان سان ملي ڪري چئن پرڪارن جي اَنَ کي پچايان ٿو.

اڌياءَ چوٿين ۾ پاڻ يوگيشور شري ڪرشڻ اندرين جي اگني، سنيم اگني، يوگا اگني، پراڻ اپان اگني، برهم اگني وغيره تيرهن چوڏهن اگنين جو ذڪر ڪيو جن ۾ سيني جو ڦل گيان آهي. گيان ئي اگني آهي. شري ڪرشڻ چون ٿا، اهڙو اگني سوروپ ٿي پراڻ اپان سان ملي چئن وِڌِيُنِ سان (جپ، سديو ساهہ پساهہ سان ٿيندو آهي. اُن جا چار طريقا، چار وِڌيون بئکري، مڌيما پشينتي ۽ پرا آهن، انهن چئن وِڌين سان) تيار ٿيڻ وارن اَنَ کي مان ئي پچايان ٿو.

شري ڪرشڻ انوسار برهم ئي هڪ ماتر اَنُ آهي. جنهن سان آتما پورڻ ترپت ٿي وڃي ٿو وري ڪڏهن اِترپت نٿو

ٿئي. شرير جي طاقتور اَڌَنَ کي يوگيشور آهار نالو ڏنو آهي (يکتا آهارُ) سچو ۽ واستوڪ اَن پرماتما آهي. ٻئڪري، مڌيما، پشينتي ۽ پرا جي چئن وِڌين مان نڪري ٿي اُهو اَنُ پوري طرح پچي ٿو. ان کي انيڪ مهاپرش، نامُ، روپ، ميلا ۽ ڌامُ چيو آهي. پهرين نامُ جو جپ ٿيندوآهي، سليسليوار هرديہ ديش ۾ اِشٽ جو سوروپ پرگهٽ ٿيڻ لڳندو آهي. تنهن کانپوءِ اُنجي ليلا جو بوڌ ٿيڻ لڳندو آهي تہ هو ايشور ڪهڙي طرح ڪڻ ڪڻ ۾ وياپت آهي؟ ڪهڙي طرح هو سڀ ڪاريہ ڪري ٿو؟ اهڙيءَ طرح هرديہ ديش ۾ ڪِريا ڪلاپن جو درشن ئي ليلا آهي (ٻاهرين رامُ ليلا - رس ليلا نہ) ۽ اُن ايشوري ليلا جي ساکيات انوڀوتي ڪندي جڏهن مول ليلاڌاري جو سپرش ملي ٿو، تڏهن ڌامُ جي استٿي ايندي آهي. اُن کي جاڻي ساڌڪ اُن ۾ سنمانت ٿي ويندو آهي. اُن ۾ مانُ پائڻ ۽ پراواڻيءَ جي پورڻ اوستا ۾ پر برهمُ جو سپرش ڪري اُن ۾ استٿ ٿيڻ ٻئي گڏوگڏ ٿين ٿا.

ان طرح پراڻ ۽ اپان ارٿات سواس ۽ پرشواس سان ملي چار وِڌِيُنِ سان ارٿات ٻئڪري، مڌيما، پَشينتي ۽ سلسليوار اُٿان ٿيندي پَرا جي پورڻ ٿيڻ واري ڪال ۾ اُهو اَنُ برهمُ پچي راس ٿي ويندو آهي، ملي بہ وڃي ٿو، پچي بہ وڃي ٿو ۽ پاتر بہ پوريءَ طرح ئي تيار ٿي وِڃي ٿو.

सर्वस्य चाहं हृदि सन्निविष्टो
मत्तः स्मृतिर्ज्ञानमपोहनं च।
वेदैश्च सर्वैरहमेव वेद्यो
वेदान्तकृद्वेदविदेह चाहम्।।१५।।

”سَرِوَسيہ چاهَمِ هِردِ سَنِوِشٽو
مَتَهَہ سِمرِتِرِ گياَنَمَپوهَنَمِ چَہ ا

ويدئيِشچہ سَرِوَئيرَهميوَ ويدِيو
ويدا نتڪرِدِويدَوِديهہ چاهمِ''اا (١۵)

مان ئي سڀني پراڻين جي هردي ۾ انترجامي روپ سان استٿ آهيان، مونکان ئي سوروپ جي سمرتي (سُرِت جو تَتوَ پرماتما وسمرت آهي، اُن جو سمرڻ اچي وڃڻ) ٿئي ٿي. (پراپتي ڪال جو چترڻ آهي) سمرتي سان گڏ ئي گيان (ساکياتڪار) ۽ ''اَپوهنَمِ'' معنيٰ رڪاوٽن جو روڪڻ، نشٽ ڪرڻ مون اِشٽ سان ئي ٿئي ٿو. سڀني ويدن دواران مان ئي ڄاڻڻ يوگيہ آهيان. ويدانت جو ڪرتا معنيٰ ''ويدسيہ انتهہ سَهہ ويدانت '' (جدا هئس تڏهن تہ ڄاڻ پيئي، جڏهن ڄاڻندي ئي اُنهي سوروپ ۾ مانَ وارو ٿي ويو تہ ڪير ڪنهنکي ڄاڻي) ويد جي انتم استٿي جو ڪرتا مان ئي آهيان ۽ ''ويدوِت'' بہ مان ئي آهيان معنيٰ ويد جو گياتا. اڌياءَ جي شروعات ۾ هنن ورڪش چيو هو تہ سنسار ورڪش (وڻ) آهي. مٿي پرماتم؛ مول ۽ هيٺ پرڪرتي تائين شاخائون آهن. جو ان بنياد ڪان پرڪرتيءَ کي ورهائي ڪري ڄاڻي ٿو، بنياد ڪان ڄاڻڻ ويدوِت آهي. هتي چون ٿا تہ مان ويدوِت آهيان. ان کي جو ڄاڻي ٿو، شري ڪرشڻ پاڻ کي هن جي ٻيٽ ۾ ڪڙو ڪيو آهي تہ هو ويدوِت آهي، مان ويدوِت (ويدن جو ڄاڻو) آهيان. شري ڪرشن بہ هڪ تَتوَگيہ مهاپرش، يوگين جا بہ پرم يوگي هئا. هتي اهو سوال پورو ٿيو. هاڻي ٻڌائين ٿا تہ سنسار ۾ پرش جو سوروپ ٻن قسمن جو آهي.

द्वाविमौ पुरुषौ लोके क्षरश्चाक्षर एव च।
क्षर: सर्वाणि भूतानि कूटस्थोऽक्षर उच्यते।।१६।।

''دِواوِمَئوُ پَرشَئوُ لوڪي ڪِشَرَشِچاڪِشَرَ ايوَچہ
ڪِشَرَهہ سَرِواڻي ڀوُتاني ڪوُٽَستوڪِشَرَ اُچيَتي'' (١٦)

ارجن! هن سنسار ۾ ڪِشرَ ڪَئہِ ٿيڻ وارا، پَريورتنشيل (بدلجندڙ) ۽ ''اَڪَشَيَہ'' نہ بدلجندڙ اهڙا ٻن پرڪارن جا پرش آهن. اُن ۾ سمپورڻ ڀوت پراڻين جا شرير ناسونت آهن، ڪِشرَ پرش آهن، اڃ آهن تہ سپاٽي نہ رهندا ۽ ٻيا ڪوُٽِسٿ پرش اوناشي چيا ويندا آهن. ساڌن جي دواران من سهت اندرين کي روڪي ارتات اندريہ سميت ڪوٽسٿ آهي، اُهي ئي اڪشر چوائيندا آهن. يا پرش، جيڪڏهن شرير ۽ شرير جنم ڪارڻ سنسڪارن جو سلسلو لڳو آهي تہ توهين ڪشر پرش آهيو ۽ جڏهن من سان گڏ اندريون بہ شانت ٿي ويندون آهن، راز ۾ رهنديون آهن. تڏهن اڪشر پرش آهي پر هيءَ بہ پرش جي اوستا خاص آهي. انهن ٻنهي کان پري هڪ ٻيو پرش بہ آهي.

उत्तम: पुरुषसत्वन्य: परमात्मेत्युदाहृत:।
यो लोकत्रयमाविश्लय बिभर्त्यव्यय ईश्वर:।।१७।।

''اُتَمَهہ پُروشَسِتوَنيَهہ پرماتميتِيُدارِ رِهَتَهہ
يو لوڪ تِرَيَماوِشيہ ٻِيَرتِيَوِيَہ ايشوَرَهہ '' (١٧)

انهن ٻنهي کان اُتم پرش تہ ٻيو ئي آهي، جو ٽنهي لوڪن ۾ پرويش ڪري سڀني جو ڌارڻ پوشڻ ڪري ٿو ۽ اوناشي پرماتما، اويڪت، پرشوتم وغيره اُن کي سڏائڻ جا شبد آهن، حقيقت ۾ هو ٻيو ئي آهي. معنيٰ هو اڪرن ۾ ورڻن کان پري آهي. هيءُ ڪشر، اڪشر کان پري مهاپرش جي انتم اوستا آهي، جنهن کي پرماتما وغيره شبدن ۾ ليکيو ويو آهي، پر هو ٻيو آهي ارتات بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اُن اسٿتي ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ پنهنجي ئي واقفيت ڏين ٿا.

यस्मात्क्षरमतीतोऽहमक्षरादपि चोत्तम:।
अतोऽस्मि लोके वेदे च प्रथित: पुरुषोत्तम:।।१८।।

”يَسماتِڪشَرَ مَتِيتو همڪشرا دَپِ چوتَمَهہ
اَتوسِمي لوڪي ويدي چَہ پِرَٿِتَهہ پُرُشوتمَهہ “ (١٨)

مان مٽيئين ناشوان، پرورتنشيل کيتر کان هر طرح نيارو آهيان ۽ اکشر ابناسي ڪُوٽَسِٿَ پرش کان بہ اُتم تنهنڪري لوڪ ۽ ويد ۾ پرشوتم نالي سان مشهور آهيان.

यो मामेवमसम्मूढो जानाति पुरुषोत्तमम्।
स सर्वविद्भजति मां सर्वभावेन भारत।।१९।।

”يومامیوَمَسَمِموُڙهو جاناتي پُرُشوتَمَمِ
سَ سَرِوَوِدِڀجتي مامِ سَرِوَڀاويِنَ ڀارت “ (١٩)

هي ڀارت ! جيڪو بہ مٽي چيو ويو آهي تہ هن طرح جو گياني پرش مون پرشوتم کي ساکيات ڄاڻن ٿا، اُهي سَرِوَگيہ پُرُش سڀ پرڪار سان مون پرماتما جو ئي ڀڄن ڪن ٿا. هي مونکان الڳ نہ آهن.

इति गुह्यतमं शास्त्रमिदमुक्तं मयानघ।
एतद्बुद्ध्वा बुद्धिमान्स्यात्कृतकृत्यश्च भारत।।२०।।

”اِتي گُهيَتَمَمِ شاستر مِدَمُڪتَمِ ميانگهہ
ايتَدِبُڌوا بڌيماَنسياتِڪِرِ تڪِرِ تِيَشِچہ ڀارت “ (٢٠)

هي نشپاپ ارجن! اهڙيءَ طرح هيءُ تمام ڳجهو راز ڀريو شاستر منهنجي دواران چيو ويو. هن جي تَتِوَ کي ڄاڻي منش پورن گياتا ۽ ڪرتارَٿ ٿي ويندو آهي. هاڻي يوگيشور شري ڪرشڻ جي هيءَ واڻي پاڻ ۾ ئي پورڻ شاستر آهي.

شري ڪرشڻ جو هيءُ رهسيہ تمام لکل هو گپت هو، هنن فقط انوراگين (پريم وارن) کي ٻڌايو. هيءُ اڌڪاري لاءِ هو، سيني جي لاءِ نہ هو. پر جڏهن هيءُ رهسيہ شاستر لکڻ ۾ اچي وڃي ٿو، سيني جي سامهون پستڪ رهي ٿو تنهنڪري لڳي ٿو تہ شري ڪرشڻ سيني کي ٻڌايو؛ پر حقيقت ۾ هيءُ اڌڪاريءَ

لاءِ ئي آهي. شري ڪرشن جو هيءُ سوروپ سيني لاءِ هئو بہ ڪونہ. ڪوئي هنن کي راجا، ڪوئي دوت تہ ڪوئي يادو مڃيندا هئا، ليڪن اڏڪاري ارجن کي هنن ڪوئي (درار) پردو نہ رکيو. هنن کي لڳو تہ اهو پرم ستيہ پرشوتم آهي. پردو، ٻيائي رکي ها تہ هنجو ڪلياڻ ئي نہ ٿئي ها.

اهڙي خاصيت پراپتي واري هرهڪ مهاپرش ۾ ڏٺي ويئي، پاتي ويئي، رام ڪرشن پرم هنس ديو جي هڪ ڏينهن ڏاڍو پرسن هو. ڀڳتن پڇيو، ” اڄ تہ توهين تمام پرسن آهيو،“ چيائون ”اڄ مان‘ اُهو‘ پرمهنس ٿي ويس. هننجي وقت ۾ ڪو سنو مهاپرش پرمهنس هو. اُن ڏانهن اشارو ڪيو. ڪجھہ دير ڪان پوءِ هو من، ڪرم وچن ڪان ورڪت جي آشا ۾ سندس پنيان لڳل ساڌڪن کي چيو ”ڏسو، هاڻي توهين ماڻهو شڪ نہ ڪجو، سنسو نہ ڪجو. مان اُهوئي رام آهيان جو تريتا ۾ ٿيو هو. اُهوئي ڪرشن آهيان جو دواپر ۾ ٿيو هو. مان اُنهن جي پوتر آتما آهيان، اُهوئي سوروپ آهيان جيڪڏهن پاڻُو اَتَوَ تہ مونکي ڏسو.

ٺيڪ اهڙي طرح ”پوجيہ گرومهراج“ بہ سيني جي سامهون چوندا هئا، ”هو، اسين ڀڳوان جا دوت آهيون. جيڪو سچ ۾ سنت آهي، اُهو ڀڳوان جو دوت آهي. اسانجي دواران ئي اُنهن کي سنديش ملي ٿو.“ايسا چيو - ” مان ڀڳوان جو پُٽ آهيان، منهنجي ويجهو اچو - من لائي تہ ايشور جا پُتر چوائيندا.“ هاڻي سيئي پتر ٿي سگهن ٿا. ها ! اها ڳالهہ الڳ آهي تہ ويجهو اچڻ جو تاتپرج اهو ئي آهي تہ اُنهن جي ساڌن ۽ ساڌنا تائين - قطار ۾ اڳيان وڌي پوري ڪرڻي آهي. مُحمد صاحب چيو ”مان الله جو

رسول آهيان، نياپو پهچائيندڙ آهيان.“ پوڄيہ مهراج جي سيني کي ايترو ئي چوندا هئا- نہ ڪنهن ويچار جو کنڊن، نہ منڊن. پر جي ورڪتيءَ ۾ پنيان لڳل هئا، اُنهن کي چوندا هئا- ”فقط منهنجي سروپ کي ڏسو، شڪ نہ ڪجو“ گهٽڻ ئي شڪ ڪيو تہ اُنهن کي انيڀوَ ۾ ڏيکاري، دپ ڦٽڪار وجهي، اُنهن ٻاهرين ويچارن کان هٽائي، جن ۾ يوگيشور شري ڪرشن جي انوسار (اڌياءَ ٢، ٤٣،٤٤) اننت پوڇا جون پڌتيون(طريقا) آهن، پنهنجي سروپ ۾ لڳايو. هو اَدياوَڌِ مهاپرش جي روپ ۾ اوستٿ آهن. اهڙي طرح شري ڪرشن جي پنهنجي استتي ڳجهي تہ هئي، پر پنهنجي آننِيہ ڀڳت، پورن اڌڪاري، انوراگي ارجن جي لاءِ هنن اُنهن کي پرڪاشت ڪيو، هر ڀڳت لاءِ سَنڀَوَ آهي، ممڪن آهي، مهاپرشن لَڳَن ساڌڪن کي اُن رستي تي هلائيندا آهن.

تاتپرج :-

هن اڌياءَ جي شروعات ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ ٻڌايو تہ سنسار هڪ ورڪش (وڻ) آهي. پپر جهڙو ورڪش آهي. پپر جو هڪ درشٽانت ماتر آهي. مٿي هن جو مول پرماتما ۽ هيٺ پرڪرتي تائين هنجون شاخا-شاخائون آهن. جو هن ورڪش کي مول سهت ڄاڻي وٺي ٿو، اُهو ويدن جو گ ياتا آهي. هن سنسار ورڪش جون شاخائون هيٺ مٿي سڀ هنڌ وياپت آهن، ڦهليل آهن ۽ ”مُولاني“ هن جي جڙن جو ڄار بہ مٿي ۽ هيٺ هر هنڌ وياپت آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو مول ايشور آهي ۽ اُهو ئي ٻج جي روپ ۾ هر هڪ جيوَ جي هردي ۾ نواس ڪري ٿو.

پُراڻن جو بيان آهي تہ هڪ پيري ڪمل تي وينل برهما

جيءَ ويچار يو تہ منهنجو بنياد ڪهڙو آهي؟ جتان هو پيدا ٿيو هو، اُن ڪمل جي ڏانديءَ ۾ داخل ٿي هليو ويو- هميشه هلندو رهيو پر پنهنجو مول نہ ڏسي سگهيو. تڏهن نراس ٿي هو اُن ڪمل جي آسن تي ويهي رهيا. چت کي روڪڻ ۾ لڳي ويو ئو ڌيان دوارا ن هنن پنهنجو مول بنياد پائي ورتو. پرم تتو جي ساکياتڪارڪيو، اُستتي ڪئي پرم سروپ کان ئي حڪم مليو تہ -مان آهيان تہ هرهنڌ پر منهنجي پراپتيءَ جو استان هرديہ ئي آهي. هرديہ ديش ۾ جو ڌيان ڪري ٿو، اُهو مونکي پراپت ڪري ٿو وٺي . برهما هڪ نشاني آهي. يوگہ ساڌنا جي هڪ پوري پڪل اوستا ۾ هن استتيءَ جي جاڳرتي آهي. ايشور طرف مٿي نهاري تياري ڪري برهم وديا سان ملي ٻُڌي ئي برهما آهي. ڪمل پاڻيءَ ۾ رهندي بہ نرمل ۽ نرليپ رهي ٿو. ٻُڌي جيستائين هِتي هُتي ڀُولي ٿي، تيستائين نٿي پائي ۽ جڏهن اها ئي ٻُڌي نرملتا جي آسڻ تي آسين ٿي من سهت اندرين کي سميٽي هرديہ ڪوش ۾ روڪي ٿي، اُن روڪڻ کي بہ ولِين ڪرڻ جي اوستا ۾ پنهنجي ئي هرديہ ۾ پرماتما کي پائي وٺي ٿي.

هتي بہ يوگيشور شري ڪرشڻ جي انوسار سنسار ورکش آهي، جنهنجو مول هر هنڌ آهي ۽ شاخائون بہ هر هنڌ آهن. ''ڪَرِمانوُبندِ يِنِيمنشلوڪي''- ڪرمن جي انوسار منش جوڻيءَ ۾ بندن تيار ڪري ٿو، ٻَڌي ٿو. ٻيون جوڻيون تہ انهن ڪرمن انوسار يوڳہ يوڳين ٿيون. هاڻي درڍ وئراڳ روپي شستر دواران هن سنسار روپي پپر جي وڻ کي تون ڪٽ ۽ اُن پرم پد کي ڳول، جنهن ۾ ويل مهرشي پنر

جنم کي پراپت نٿا ٿين.

ڪيئن سمجهيو وڃي ته سنسار ورکش ڪٽجي ويو؟ يوڳ ايشور جون ٿا جو ماڻ ۽ موهه کان سدائين رهت آهي، جنهن سنگه دوش جيتيو آهي، جنهن جون ڪامنائون نورت ٿي ويون آهن ۽ جو جوڙن، سکه دکه، مانُ اپمان، جنم مرتيو انهن ٻيائيءَ جي جهڳڙن کان مڪت آهي، اُهو پرش اُن پرم تتو کي پراپت ٿئي ٿو. اُن پرم پد کي نه سورج، نه چندرما ۽ نه اگني ئي پرڪاشت ٿي ڪري سگهي، هو خود پرڪاش روپ آهي. جنهن ۾ ويل وري واپس موٽي نٿا اچن، اُهو منهنجو پرم ڌام آهي، جنهن کي پائڻ جو اڌڪار سڀ ڪنهن کي آهي؛ چاڪاڻ ته اُها جيو آتما منهنجو ئي شڌ انش آهي. شرير جو تياڳ ڪرڻ وقت جيو آتما من ۽ پنجن اندرين جي ڪاريه ڪلا پن کي کڻي نئين شرير کي ڌارڻ ڪري ٿو. سنسڪار ساتوڪ آهن ته ساتوڪ ليول تي پهچي ٿو وڃي. راجسي آهن ته وچين استان ۽ تامسي رهڻ تي جگهنيه (خراب) جوڻين تائين پهچي ٿا وڃن ۽ اندرين جي آڌار من جي ذريعي وشين کي ڏسي ٿو ۽ ڀوڳي ٿو. اهو ڏسڻ ۾ نٿو اچي . ان کي ڏسڻ واري درشٽي گيان آهي. ڪجهه ياد ڪري وٺڻ اُنجو نالو گيان نه آهي. يوڳي جَنَ هردي ۾ چت کي سميٽي ڪوشش ڪندي رهڻ سان پائي ٿو، هاڻي گيان ساڌن گميه آهي. ها! پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان هنجي لاءِ اُتساهه اُتپن ٿئي ٿو. شڪ سان مليل، اڪِرتاتما ماڻهو ڪوشش ڪندي به اُن کي نٿا پائين.

هتي پراپتي واري استان جو چترڻ آهي. هاڻي اُن اوستا جي ويڀوتين جي وَهڻ سياويڪ آهي. اُن تي پرڪاش

وجهندي يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا تہ سوريہ ۽ چندرما ۾ مان ئي پرڪاش آهيان، اگنيءَ ۾ مان ئي تيج آهيان. مان ئي پرچنڊ اگني روپ سان چئن وِڌين سان پچي راس ٿيل اَن کي پچايان ٿو. شري ڪرشڻ جي شبدن ۾ اَنُ هڪ ماتر برهم آهي ''اَنَم برهميتي وِيجانات'' (تَئيتريہ اُپنشد ١-٢) جنهن کي پراپت ڪري اُها آتما تِرپت ٿي وڃي ٿي. ٻَئڪري کي پورو ڪرڻ ڪان پوءِ اَنُ پوريءَ طرح پچي وڃي ٿو، اُهو پاتر بہ گم ٿي ٿو وڃي. هن اَن کي مان ئي پچايان ٿو ارٿات ستگرو جيستائين رَٿي نہ آهي تيستائين هي اها کوجنا نٿي ٿئي.

ان تي زور ڏيندي يوگيشور شري ڪرشڻ وري چون ٿا تہ سمپورڻ پراڻين جي اندرئين ديش ۾ استٿ ٿي مان ئي يادگيري ڏياريان ٿو. جيڪو سوروپ وسريل هو اُنجي يادگيري ڏياريان ٿو. سمرتي سان گڏ هلڻ وارو ڳ يان بہ مان ئي آهيان. ان ۾ ايندڙ رڪاوٽن جو سماڌان بہ مونکان ئي ٿئي ٿو. مان ئي ڄاڻڻ يوگيہ آهيان ۽ ڄاڻ ٿي وڃڻ کانپوءِ ڄاڻ جو انت ڪرتا بہ مان ئي آهيان. ڪير ڪنهنکي ڄاڻي؟ مان ويدوِت آهيان. اڌياءَ جي شروعات ۾ چيو هو، جو سنسار ورڪش کي مول سهت ڄاڻي ٿو اهو ويد وِت آهي؛ پر اُن کي ڪاٽڻ وارو ئي ڄاڻي ٿو. هتي چون ٿا مان بہ ويدوِت (ودوان) آهيان؛ اُنهن ودوانن ۾ پنهنجي ڳڻپ ڪن ٿا. هاڻي شري ڪرشڻ بہ هتي ويدوِت پرشوتم آهي، جنهن جي پائڻ جو اڌڪار مانوَ ماتر کي آهي.

انت ۾ هنن ٻڌايو تہ لوڪ ۾ ٻن پرڪارن جا پرش آهن. پوتن وغيره جا سمپورڻ شرير ناسوان (ڪشيہ) آهن.

من جي جيتڻ واري اوسٿا ۾ اهوئي پرش اڪشر (اوناشي) آهي؛ پر دِوَنداتمڪ ۽ اُن کان پري جو پرماتما، پرميشور، اويڪت (نہ ڇاتل) ۽ اوناشي چيو وَڃي ٿو، اُهو حقيقت ۾ ٻيو ئي آهي. اها ڪشر اڪشر کان پري واري اوسٿا آهي. اها پرم اسٿتي آهي. ان سان سنگت ڪندي چون ٿا تہ مان بہ ڪشر ۽ اڪشر کان پري اُهوئي آهيان ان ڪري ماڻهو مونکي پرشوتم چون ٿا. ان طرح اُتم پرش کي جي ڄاڻن ٿا اُهي گياني ڀڳت ڄَڻَ سدائين هرطرف کان منهنجو ئي ڀڄن ڪن ٿا. اُنهن جي ڄاڻ ۾ ڪو فرق ڪونهي. ارجن! هي تمام ڳجهو رهسيہ مون تنهنجي لاءِ چيو آهي. پراپتي وارا مهاپرش سيني جي سامهون نٿا چون، پر اڌڪاريءَ کان لڪائي بہ نٿا رکن. لڪائيندا تہ هو پائيندو ڪيئن؟

هن اڌياءَ ۾ آتما جون ٽن استين جو چترڻ ڪشر اڪشر ۽ اڃا بہ تمام اُتم پرش جي روپ ۾ ظاهر ڪيو ويو، جهڙو هن کان پهرين ٻين اڌياءَ ۾ نہ آهي هاڻي.

اوم تَتِسَدِتِي شريمد ڀڳود گيتا سوُپنِشَتيسوُ برهم وديايام يوگہ شاستري شري ڪرشڻارجنَ سَمِوادي ''پرُشوتَم يوگو'' نام پَنڃہ دشو ڌيايَهہ ١١٥١١

ان طرح شريمد ڀڳودِ گيتا روپي اُپنشد ايوَ برهم وديا نٿا يوگشاستري وشيڪ شري ڪرشن ۽ ارجن جي سنواد ۾ ''پرُشوتم يوگہ'' نالي پندرهون اڌياءُ پورو ٿئي ٿو.

اِتي شريمتپَرَم هنس پرمانندسيہ شِشيہَ سوامي اڙگ ڙانند ڪرتي شريمد ڀڳوتگيتايَہ ''يٿارٿ گيتا ڀاشيي'' پرشوتم يوگو نام پنڇدشوڌياَهہ ١١٥١١

١١ هري اوم تَتِ سَتِ ١١